رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ

# فیضانِ امام احمد بن حنبل

سنڌي




پيشڪش:

مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)

ترجمو:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ۴٠ دار الفڪر بيروت)



طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: فيضان امام احمد بن حنبل

ڇاپو پهريون: ربيع الاول 1443ھ آڪٽوبر 2021ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

# فيضانِ امام احمد بن حنبل

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

## فهرست


# فيضانِ امام احمد بن حنبل ........ 1

درود شريف جي فضيلت ........ 1

وليُّ اللّٰه جي ادب جي برڪت سان بخشيو ويو ........ 2

وڏا وڏا عالم سلام ڪرڻ ايندا هئا ........ 3

تعارف ........ 3

**علمِ دين جو شوق ........ 4**

علمِ دين سان محبت ........ 5

قلم ۽ مَسُ آخري عمر تائين گڏ ........ 5

دين جو علم حاصل ڪرڻ ۾ شرم ڇا جو؟ ........ 6

چار مشهور مجتهد امام ........ 6

امام احمد بن حنبل، امام اعظم جي شاگردن جو شاگرد ........ 6

امام احمد بن حنبل جي امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان محبت ........ 7

تقويٰ ۽ پرهيزگاري ........ 7

قبر ۽ آخرت جو خوف ........ 8

سنت تي عمل ڪرڻ جو جذبو ........ 9

امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون عبادتون ........ 12

20سالن جي معذوري ختم ٿي وئي ........ 14

بزرگن کان دعا ڪرائڻ ........ 16

علم جو سمنڊ ............................ 17
امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو شان ۽ شوڪت............................ 18
حديث پاڪ کي ڏسي بيان ڪندا هئا ............................ 18
سخت احتياط جي ضرورت آهي ............................ 19
بُرو خاتمو ٿيڻ جو خوف آهي ............................ 20

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# فيضانِ امام احمد بن حنبل

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّى اللهعليه واٰلهٖ وسلَّم

## درود شريف جي فضيلت

حضرت ابو المُظَفّر محمد بن عبدالله سمرقندي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان هڪ ڏينهن رستو پلجي ويس، اوچتو هڪ شخص ظاهر ٿيو ۽ ان چيو: ”مون سان گڏ هل.“ مان ان سان گڏ هلي پيس. مون کي گمان ٿيو تہ هي حضرت خضر عَلَيه السَّلَام آهن. منهنجي پُڇڻ تي هن پنهنجو نالو خضر ٻُڌايو. ان سان گڏ هڪ ٻيو بزرگ بہ هو. مون ان جو نالو پڇيو تہ فرمايائون: هي الياس عَلَيه السَّلَام آهن. مون عرض ڪيو، الله پاڪ توهان تي رحم فرمائي: ڇا توهان ٻنهي حضرات الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪئي آهي؟ هنن چيو: ها. مون عرض ڪيو: سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان ٻُڌل ارشاد پاڪ ٻڌايو تہ جيئن مان توهان کان روايت ڪري سگهان. هنن چيو تہ اسان رسولِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي هي فرمائيندي ٻڌو تہ جيڪو بہ مون تي درود پاڪ پڙهي تو ان جي دل نفاق کان اهڙي طرح پاڪ ڪئي ويندي آهي جهڙي طرح پاڻي سان ڪپڙي کي صاف ڪيو ويندو آهي. ان کان علاوه جيڪو شخص صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد پڙهندو آهي اهو پنهنجي لاءِ رحمت جا 70 دروازا کوليندو آهي. (القول البديع ص 277، جذبالقلوب ص 235)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب   صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## وليِّ اللّٰه جي ادب جي برڪت سان بخشيو ويو

هڪ شخص جي مرڻ کان پوءِ ڪنهن ڪيس خواب ۾ ڏسي پڇيو: مافَعَلَ اللّٰهُ بِكَ؟ يعني الله پاڪ اوهان سان ڇا سلوڪ فرمايو؟ هن جواب ڏنو ته الله ڪريم مون کي معاف ڪري ڇڏيو آهي. پڇيو ويو: ڪهڙو عمل ڪم اچي ويو؟ جواب ڏنائين. هڪ ڀيري امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه درياءَ جي ڪناري تي وضو ڪري رهيو هو ۽ اتي ئي مان بلندي جي طرف وضو ڪرڻ ويهي رهيس. جڏهن منهنجي نظر امام صاحب رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه تي پئي ته احترام طور مان هيٺين طرف لهي آيس. بس اهو ئي "وليءَ جي احترام" وارو عمل ڪم اچي ويو ۽ مان بخشجي ويس. (تذڪرۃالاولیا، ص 196) الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

اَعمال نہ دیکھے یہ دیکھا، ہے میرے وَلی کے دَر کا گدا
خالق نے مجھے یوں بخش دیا، سبحان اللہ سبحان اللہ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب   صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## وڏا وڏا عالم سلام ڪرڻ ايندا هئا

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جو احترام ڪرڻ وڏي ثواب جو ڪم آهي ۽ بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيهِم جو دل ۽ جان سان احترام ڪرڻ بخشش جو سبب بہ بڻجي سگهي ٿو جيئن توهان هاڻي حنبلي سلسلي جي عظيم بزرگ امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي احترام جي باري ۾ ايمان اَفروز واقعو پڙهيو حضرت ادريس بن عبدالڪريم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون ڪيترن ئي عالمن کي ڏٺو تہ حضرت امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي پنهنجو وڏو سمجهندا، احترام ڪندا ۽ صرف سلام ڪرڻ جي ارادي سان سندن خدمت ۾ حاضر ٿيندا هئا. (حلية الاولياء، 183/9، نمبر:13613)

نہ صرف حضرت امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پر سندن شاگردن کي بہ وڏي عزت ۽ احترام جي نظرسان ڏٺو ويندو هو جيئن ڪين قابل شاگرد حضرت مَروزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حضرت حجاج بن شاعر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي پرسان گذريا تہ هُو انهن جي طرف(يعني سندن احترام ۾) اُٿي بيٺا ۽ چيائون: اي صديقين جا خادم! اوهان تي سلامتي هجي. الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! حنبلي سلسلي جي باني امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو مبارڪ نالو "احمد" آهي ۽ ڪُنيت ابو عبدالله

آهي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ربيع الاول 164 هجري ۾ بغداد شريف ۾ پيدا ٿيا. الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان سندن نسب ملي ٿو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عظيم الشان تبعِ تابعي بزرگ هيا. (تبعِ تابعي انهن کي چئبو آهي جن صحابيءِ رسول جو ديدار ڪرڻ واري تابعي بُزرگ جي زيارت ڪئي هجي). سندس والد محترم ننڍپڻ ۾ ئي فوت ٿي ويو ايئن سندن جي ديني تعليم ۽ تربيت جي ذميواري ننڍپڻ ۾ ئي سندن امڙ سائڻ جي حصي ۾ آئي. (حلية الاولياء، 174/9، نمبر:13563)

## علمِ دين جو شوق

امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو شهزادو (يعني پٽ) حضرت عبدالله رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائي ٿو: منهنجي والد محترم فرمايو ته مون 16 سالن جي عمر ۾ حديث پاڪ جو علم سکڻ شروع ڪري ڇڏيو ۽ ڪڏهن ڪڏهن مان رات جي اونداهه ۾ علمِ حديث حاصل ڪرڻ جي لاءِ گهر کان روانو ٿيڻ لڳندو هيس ته منهنجي امڙ سائڻ (شفقت سان) مونکي روڪي چوندي هئي ته صبح ٿيڻ ڏي ته جيئن ماڻهن جي اچ وڃ شروع ٿي وڃي. (مناقب امام احمد ، ص 31) دين جو علم حاصل ڪرڻ جي شوق ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪوفه، بصره، يمن، شام، عراق، حجاز مقدس (يعني عرب شريف)، جزيره عبادان وغيره جو سفر فرمايو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان علمِ دين حاصل ڪندو رهندس ايستائين جو قبر ۾ داخل ٿي وڃان. (مناقب الامام احمد ، ص 37)

## علمِ دين سان محبت

حضرت عبدالله بن احمد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اسان مکي پاڪ ۾ ڪنهن گهر ۾ ترسياسين، اتي حضرت ابوبڪر بن سماعہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه رهندا هيا. انهن ٻڌايو تہ هڪ ڀيري اسان جي هن گهر ۾ امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ترسيا هئا. ان وقت مان ننڍڙو ٻار هئس. مون کي منهنجي ماءُ چيو: هي نيڪ شخص آهي. تون ان جي خدمت ۾ لڳي وڃ. مان ان جي خدمت ڪرڻ لڳس. پاڻ حديث جو علم حاصل ڪرڻ جي لاءِ تشريف وٺي ويندا هئا. هڪ ڀيرو سندن سامان چوري ٿي ويو. منهنجي امڙ سائڻ سندن کي ٻڌايو تہ چور توهان جو سامان چوري ڪري ويو آهي تہ پاڻ صرف ايترو پڇيائون تہ منهنجا حديث پاڪ وارا صفحا (Pages) ڪٿي آهن؟ امڙ سائڻ چيو تہ اهي ڪٻٽ ۾ رکيل آهن. ان کان علاوہ پاڻ ٻيو ڪجهہ بہ نہ پڇيو. (حلية الاولياء، 9/191، نمبر:13650)

جذبہ حُسنِ عمل ہے اور نہ علم
ناقص و بیکار ہوں کردو کرم

## قلم ۾ مَسُ آخري عمر تائين گڏ

حضرت امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا صاحبزاده حضرت صالح رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ هڪ شخص منهنجي والد صاحب جي هٿ ۾ قلم ۽ مَسُ ڏسي عرض ڪيو: اي ابوعبدالله! توهان ايڏي وڏي مقام تي پهچي ويا آهيو جو توهان مسلمانن جا امام آهيو، ان جي باوجود اوهان جي هٿ ۾ قلم ۽ مَسُ آهي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمايو: قلم ۽ مَسُ قبر تائين گڏ آهن. (مناقب الامام احمد ، ص 37)

## دين جو علم حاصل ڪرڻ ۾ شرم ڇا جو؟

هڪ شخص امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪي هٿ ۾ جوتا ڪٽي ڊوڙندو ڏٺو ته کين عرض ڪيو: اي ابوعبدالله! ڪيستائين ٻارن سان گڏ دين جو علم حاصل ڪندا رهندؤ؟ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه صرف ايترو جواب ارشاد فرمايو: موت تائين. (مناقب امام احمد ، ص 37)

## چار مشهور مجتهد امام

اي عاشقانِ اولياء! چارئي مشهور مجتهد امام، امام اعظم ابو حنيفه، امام شافعي، امام مالڪ ۽ امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم، اولياء ڪرام آهن. چارئي بُزرگانِ دين قابلِ تعظيم ۽ قابلِ احترام آهن. اسان کي انهن سڀني بزرگن جو دل ۽ جان سان ادب ۽ احترام ڪرڻ گهرجي. چارئي امام(امام اعظم ابو حنيفه، امام شافعي، امام مالڪ ۽ امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم) حق تي آهن ۽ انهن چئني جا خوش عقيده مقلدين پاڻ ۾ ڀائر آهن. انهن جو پاڻ ۾ تعصّب (يعني هٺ ڌرمي) جو ڪوئي سبب ناهي. منهنجا شيخ طريقت، اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه لکن ٿا.

مالکی ہو حنبلی ہو حنفی ہو یا شافعی　　　مت تعَصُّب رکھنا اور کرنا نہ ان سے دشمنی

## امام احمد بن حنبل، امام اعظم جي شاگردن جو شاگرد

حضرت امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون سڀ کان پهريان امام ابو يوسف رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان حديثِ پاڪ لکڻ جي شروعات ڪئي. (مناقب امام احمد ، ص 26) امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان

پڇيو ويو تہ مشڪل ترين مسئلن جو علم توهان ڪي ڪٿان حاصل ٿيو؟ فرمايائون: امام محمد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڪتابن مان. (مناقب ابي حنيفه و صاحبيه للذهبي، ص 79-86 ماخوذا) جڏهن تہ امام بخاري، امام مسلم ۽ امام ابو دائود رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا شاگرد آهن. (تاريخ بغداد، 179/5 ماخوذا) (معلوم ٿيو تہ امام بخاري، امام مسلم امام اعظم جي شاگردن جا شاگرد آهن).

## امام احمد بن حنبل جي امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان محبت

حضرت امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان چاليهن سالن کان جيڪا بہ نماز پڙهندو آهيان ان ۾ حضرت امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي لاءِ دعا ضرور ڪندو آهيان، سندن پٽ عرض ڪيو: بابا سائين! هي شافعي ڪير آهن، جن لاءِ توهان دعا گهرندا آهيو؟ تہ امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمايو: منهنجا پٽ! حضرت امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه دنيا جي لاءِ سج وانگر ۽ ماڻهن جي ڀلائي جو سبب هئا، سو هاڻي ٻڌايو! هنن ٻن صفتن ۾ ڪوئي انهن جو نائب آهي؟ (احياءالعلوم،46/1ملتقطا)

## تقويٰ ۽ پرهيزگاري

حضرت ادريس حداد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ هڪ ڀيري امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حج جي لاءِ مڪي پاڪ حاضر ٿيا تہ اتي انهن تي غربت اچي وئي. سندن وٽ هڪ بالٽي هئي. پاڻ ان کي ڪنهن شيءِ جي بدلي هڪڙي سبزي ڪپائڻ واري وٽ گِروي

رکي ڇڏيو. جڏهن الله پاڪ سندن غربت کي دور ڪري ڇڏيو تہ پاڻ ان سبزي ڪپائڻ واري وٽ آيا ۽ ڪيس پئسا ڏئي پنهنجي بالٽي گهريائون. سبزي واري بہ هڪجهڙيون بالٽيون پيش ڪيون ۽ چوڻ لڳو: مون کي خبر نہ ٿي پوي تہ هنن مان توهان جي بالٽي ڪهڙي آهي، اوهان جيڪا چاهيو کڻي وڃو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: مون تي بہ معاملو مشڪوڪ ٿي پيو آهي تہ منهنجي بالٽي ڪهڙي آهي. خدا جو قسم، مان ان کي بلڪل بہ نہ کڻندس. سبزيءَ واري چيو: خدا جو قسم! مان بہ هن کي ڏيڻ کان سواءِ نہ ڇڏيندس. آخرڪار ٻئي حضرات انهن کي وڪڻي رقم صدقو ڪرڻ تي راضي ٿي ويا. (حڪايتون ۽ نصيحتون، ص 431)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## قبر ۽ آخرت جو خوف

اي عاشقان اولياء! ڏٺو توهان؟ اسان جا بُزرگانِ دين شڪ و شبهي واري شين کان ڪيئن بچندا هئا حالانڪ ٻنهي مان هڪڙي بالٽي امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ئي هئي، پر ڇو تہ اهي پاڻ ۾ اهڙي طرح ملائجي ويون هيون جو پنهنجي بالٽي ڪهڙي آهي اها خبر ئي ڪونہ ٿي پئي، لهذا پاڻ ان کي وٺڻ ئي کان انڪار ڪري ڇڏيو. سبزي ڪپائڻ واري جو خوفِ خدا صد ڪروڙ مرحبا! جو اهو بہ پنهنجي شيءِ کي خدا جي راه ۾ خرچ

ڪرڻ تي ئي راضي ٿيو. ڪاش! اسان به شبهي واري شين کان بچڻ جي ڪوشش ڪريون. شبهي واري شيءِ دل جي حالت خراب ڪري ٿي ۽ نيڪين ۾ دل لڳڻ کان رڪاوٽ بڻجي ٿي.
امام ابو طالب مڪي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: پانهي ڪي جيڪي شيون رات ۾ الله پاڪ جي عبادت کان محروم ڪرڻ واريون يا وري ان جي ڏکهي عرصي تائين غفلت جو سبب بڻجنديون آهن، اهي ٽي آهن: (1) شبهي واريون شيون کائڻ (2) گناهن تي اصرار ڪرڻ (3) دل تي دنياوي محبت جو غالب هجڻ. (قوط القلوب، 76/1)

عاشقِ مال اِس میں سوچ آخر کیا عُروج و کمال رکھا ہے؟
تجھ کو مل جائے گا جو قسمت میں تیری، رزقِ حلال رکھا ہے

## سنت تي عمل ڪرڻ جو جذبو

هڪ بزرگ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي باري ۾ منقول آهي ته هُو ڳِدرو نه کائيندا هئا. انهن کان ان جو سبب پڇيو ويو ته فرمايائون: مون کي اُن جي کائڻ کان صرف اها شيءِ روڪي ٿي جو مون کي خبر ناهي ته حضور نبيءِ رحمت، شفيعِ اُمت صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي ڪيئن کائيندا هئا. (فيض القدير4/477، تحت الحديث:5618)
حضرت علامه عبدالغني نابُلسي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: منهنجي گُمان جي مطابق اهي بزرگ حضرت امام احمد بن حنبل رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هئا. (اصلاح اعمال، 120/1)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! سلسلهٔ حنبليه جا عظيم بزرگ، امام احمد بن حنبل رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ ڪيڏا وڏا عاشقِ رسول ۽ عاشقِ سنت هئا. ڪاش! اسان کي به سنت تي عمل ڪرڻ جو عظيم جذبو عطا ٿي وڃي، افسوس! اسان ته ڪيئي سنتن جي خبر هئڻ جي باوجود عمل نٿا ڪريون. سلام ڪرڻ سنت آهي پر سستي ٿي ويندي آهي. پنهنجي مسلمان ڀاءُ سان مسڪرائي ملڻ سنت آهي پر اسان جي مسڪراهٽ ته مخصوص دوستن (Friend Circle) جي لاءِ ئي هوندي آهي. ساڄي هٿ سان کائڻ پيئڻ، ڏيڻ وٺڻ سنت آهي پر بي توجهي ڇئجي يا لا علمي روزاني جي ڪيترن ئي ڪمن ۾ هن سنت ڏانهن ڌيان ناهي ويندو. سنت جي مطابق اَڌ پِني تائين لباس جو معاملو هجي ته اُتي نوان نوان فيشن رڪاوٽ بڻجندا آهن. ڪاش! سنتن تي عمل ٿيڻ لڳي ۽ هر مسلمان هر وقت سنتن تي عمل ڪرڻ وارو بڻجي وڃي.

اي عاشقانِ رسول! سنت ۾ عظمت آهي، سنت ۾ برڪت آهي، سنت ۾ دنيا ۽ آخرت جي راحت آهي. سنت ۾ ڇوٽڪارو آهي ۽ سنتن تي عمل ڪرڻ ۾ ئي دنيا ۽ آخرت جون سعادتون آهن. الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي پياري پياري سنتن تي عمل ڪرڻ جي شوق کي وڌائڻ جي سٺي نيت سان سنت جي ٽن اکرن جي نسبت سان سنت تي عمل ڪرڻ جي باري ۾ حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا ٽي فرمان. (1) الله پاڪ جي عرش کان سواءِ قيامت

جي ڏينهن ڪوبہ سايو نہ هوندو، تي ماڻهو الله پاڪ جي عرش جي سايي ۾ هوندا. عرض ڪيو ويو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اُهي ڪهڙا ماڻهو هوندا؟ ارشاد فرمايائون: (1) اهو شخص جيڪو منهنجي اُمتيءَ جي پريشاني دور ڪري (2) منهنجي سنت کي زنده ڪرڻ وارو (3) مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ وارو. (البدر السافرة في امور الآخرة للسيوطي، ص131، حديث 366) (2) جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.
(مشکاۃ المصابیح، 55/1، حديث: 157)

سینہ تِری سُنّت کا مدینہ بنے آقا　　جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

(3) جنهن منهنجي سنت کان منهن موڙيو اهو مون مان ناهي.
(بخاري، 421/3، حديث:5063)

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي سنتن ڀري مدني تحريڪ "دعوتِ اسلامي" ۾ شامل ٿي وڃو ۽ سنتون سکڻ ۽ سيکارڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ سنتن ڀريو سفر اختيار ڪريو. عظيم عاشقِ سنت، امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جنهن هن زماني ۾ سنتن جي اهڙي ڌوم مچائي آهي جو بار بار کي عمامي جو تاج پارائي سنتِ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ديوانو بڻائي ڇڏيو آهي. پاڻ فرمائن ٿا: اسان اهلسنت آهيون ۽ اسان کي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سنت سان پيار آهي.
(مدني مذاڪره، 10 ربيع الاول 1438 مطابق 9 ڊسمبر 2016)

شہا! ایسا جذبہ پاؤں کہ میں خوب سیکھ جاؤں　　تری سنّتیں سکھانا مدنی مدینے والے

(وسائلِ بخشش، ص428)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

# امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جون عبادتون

حضرت عبدالله بن امام احمد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منهنجا والد سڳورا روزانو قرآن پاڪ جي هڪ منزل تلاوت ڪندا ۽ هر ستن ڏينهن ۾ هڪ قرآن پاڪ ختم ڪندا ها، ايئن ئي ست راتين ۾ هڪ قرآن پاڪ ختم فرمائيندا ها ۽ اِهُو ڏينهن جي نمازن جي تلاوت کا علاوه هوندو هيو. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه عشاء جي نماز کان پوءِ ڪجهه دير آرام فرمائي صبح تائين نماز ۽ دُعا ۾ مشغول هوندا هئا. (حلية الاولياء، 192/9، نمبر:13658 ماخوذاً) وڌيڪ فرمائن ٿا: منهنجا والد محترم امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ماڻهن ۾ سيني کان وڌيڪ صبر ڪرڻ وارا هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي مسجد، جنازي ۾ شرڪت ڪرڻ يا ڪنهن مسلمان جي عيادت ڪرڻ کانسواءِ ڪٿي به نه ڏسي سگهبو هو. ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي بازارن ۾ گهمڻ ناپسند هو. (حلية الاولياء،195/9، نمبر 13669) پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه روزانو 300نوافل ادا فرمائيندا هئا. جڏهن سندن تي آزمائش آئي ته بيماريءَ کان پوءِ روزانو 150 نوافل ادا فرمائيندا هئا حالانڪ ان وقت سندن جي مبارڪ عمر 80 سال هئي. (حلية الاولياء،192/9، نمبر13657)

اُترتے چاند ڈھلتی چاندنی جو ہو سکے کر لے　　اندھیرا پاکھ آتا ہے یہ دو دن کی اُجالی ہے

(حدائقِ بخشش،ص182)

**شرح ڪلام رضا:** منھنجا آقا اعلیٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنھنجي هن شعر ۾ زندگيءَ جا قيمتي لمحا گناهن ۽ غفلت ۾ گذارڻ وارن کي جهنجهوڙيندي فرمائي رهيا آهن: اي غافل نوجوان! تنهنجي زندگيءَ جو چنڊ گهٽجڻ شروع ٿي ويو آهي يعني تنهنجي عمر هر روز گهٽ ٿيندي پئي وڃي الله پاڪ جي جيتري عبادت ڪرڻي اٿئي، ڪري وٺ. چو ته جيئن اسلامي مهيني جي آخري 15 ڏينهن ۾ چنڊ گهٽ ٿيندو ويندو آهي ايئن ئي هاڻي تنهنجي زندگي ختم ٿيندي پئي وڃي. جلد ئي قبر جي اونداهي اچڻ واري آهي. اهي زندگي جون رونقون، عيش ۽ سڪون بَس ٻن ڏينهن جو آهي. پنهنجي رب کي راضي ڪري وٺ.

منھنجا پيارا اسلامي ڀائرو! بُزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جي مبارڪ سيرت ۽ اخلاق پڙهي انهن تي عمل ڪرڻ ۽ پنهنجي دل کي دنيا جي محبت کان بچائڻ جو ذهن بڻائڻ گهرجي. يقيناً هڪ وقت اچڻ وارو آهي جڏهن اسان مري ويندا سين ۽ ڪو به اسان جي قبر ۾ اسان سان گڏ نه ايندو، اسان سان گڏ اسان جا سنا يا بُرا عمل هوندا. باقي بچيل زندگيءَ کي غنيمت سمجهندي، سچي دل سان پنهنجن سيني گناهن کان توبهه ڪري نيڪين واري زندگي گذارڻ جو ذهن ناهيو. خدا نخواسته هن وقت تائين نمازن ۾ سستي هئي ته هاڻي پنج ئي نمازون باجماعت مسجد

جي پهرين صف ۾ پڙهڻ جي نيت فرمايو. حرام روزي ڪمائيندا هئا ته ان ڪان توبه ڪري ان جون شرعي تقاضائون پوريون ڪريو، رشوت ڏيڻ وٺڻ جو معاملو هيو ته ان ڪان به پاسو ڪريو جو رشوت ڏيڻ وٺڻ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. ڪوڙ، غيبت، چغلي، وعده خلافي، گار گند ۽ حق تلفين کان به توبهه ڪري پنهنجي پياري پياري رب ڪريم کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳي وڃو. بي صورت ۾ ياد رکو! مرڻ کان پوءِ دنيا ۾ واپس اچڻ جو موقعو نه ملندو. منهنجي آقا امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو فڪرِ آخرت صد ڪروڙ مرحبا! پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جڏهن به ڪنهن جنازي ۾ ويندا ها ته ان ڏينهن ڪاڏو نه ڪائيندا هئا، نه ئي اُن رات سمهندا هيا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جڏهن به ڪا قبر ڏسندا هئا ته اهڙي طرح روئيندا هئا جيئن اها عورت روئيندي آهي جنهن جو ٻار فوت ٿي ويو هجي.

ڈھل جائے گی یہ جوانی جس پہ تجھ کو ناز ہے　　تُو بجا لے چاہے جتنا چار دن کا ساز ہے

## 20سالن جي معذوري ختم ٿي وئي

حضرت علي بن ابي حراره رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منهنجي ماءُ 20 سالن کان هلڻ ڦرڻ کان معذور هئي. هڪ ڏينهن هن مون کي چيو: امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وٽ وڃي انهن کي عرض ڪريو ته اهي منهنجي لاءِ دعا ڪن. مان انهن جي گهر پهتس ۽

دروازو کڙکايو. پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ دروازي وٽ ئي موجود هئا پر دروازو نہ کوليائون ۽ پڇيائون: ڪير؟ مون عرض ڪيو: مان هتان ئي جو رهڻ وارو آهيان، منهنجي ماءُ گهڻي وقت کان هلڻ ڦرڻ کان لاچار آهي، ان مون کي توهان وٽ دعا ڪرائڻ لاءِ موڪليو آهي تہ توهان اللہ پاڪ جي بارگاهہ ۾ ان جي صحت جي لاءِ دعا ڪريو. پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ ڪجهہ ناراض ٿيا ۽ چيائون: ”اسان توهان کان وڌيڪ ان ڳالهہ جا ضرورتمند آهيون تہ توهان اسان جي لاءِ اللہ پاڪ کان دعا گهرو“مان واپس موٽيس تہ انهن جي گهران هڪڙي پوڙهي عورت ٻاهر آئي ۽ پڇيائين: ابو عبداللہ امام احمد بن حنبل رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ سان هاڻي توهان گفتگو ڪئي آهي؟ مون چيو: جي ها. تہ هن جواب ڏنو: مان انهن کي ڏسي آئي آهيان تہ هُو اللہ پاڪ کان توهان جي والده جي لاءِ دعا گهري رهيا آهن. حضرت علي بن ابي حراره رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ چون ٿا: مان فوراً گهر آيس ۽ پنهنجو دروازو ڪڙکايو تہ منهنجي اها ماءُ جيڪا گذريل 20 سالن کان هلڻ گهمڻ کان معذور هئي. اها پنهنجي پيرن تي هلي آئي ۽ دروازو کولي چيائين: اللہ پاڪ مون کي صحت ۽ سلامتي عطا فرمائي آهي. (حلیۃ الاولیاء،197/9، نمبر13678)

نگاہِ ولی میں وہ تاثیر دیکھی　　　بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بزرگن کان دعا ڪرائڻ

اي عاشقانِ اولياء! هن واقعي مان خبر پئي ته بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان دعا ڪرائڻ جو رواج صديون پراڻو آهي. اڄ به ماڻهو پنهنجي ٻارن کي نيڪ ماڻهن، بزرگن کان دم ڪرائن ٿا ۽ پنهنجي پريشانين جي حل جي لاءِ انهن کان دُعا ڪرائن ٿا. ۽ جيڪڏهن بزرگانِ دين سان سچي محبت ۽ انهن جي دعائن تي پختو يقين هجي ته الله جي رحمت سان فوري طور اثر ظاهر ٿيندو آهي جيئن توهان هاڻي واقعي ۾ پڙهيو. الله ڪريم اسان کي به پنهنجي نيڪ ٻانهن، اولياء ڪِرام جو ادب ۽ احترام ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

### سادگي ۽ عاجزي

حضرت علي بن مديني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي گهر ۾ داخل ٿيس ته انهن جو بلڪل گهر اهڙي طرح ئي سادو هو جيئن زُهد، عاجزي ۽ انڪساري ۾ تابعي بزرگ حضرت سُويد بن غَفَلہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي گهر جو وصف بيان ٿيو. (حلية الاولياء،186/9، نمبر: 13630) حضرت امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا فرزند حضرت عبدالله رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منهنجي والد محترم پنج حج پيادل ڪيا ۽ ٻه حج سَواريءَ تي ۽ هڪ حج ۾ صرف ويهه درهم خرچ ڪيا. (حلية الاولياء،187/9، نمبر 13634) حضرت نَصر بن علي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه چون ٿا: امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي آخرت جو

معاملو افضل آهي چو تہ دنيا سندن وٽ آئي پر ڪين ان کي پاڻ کان پري ڪري ڇڏيو. (حلية الاولياء،9/191، نمبر: 13651)

مجھ کو دُنیا کی دولت نہ زَر چاہیے شاہِ کوثر کی میٹھی نظر چاہیے
(وسائلِ بخشش، ص513)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## علم جو سمنڊ

حضرت ابوعبدالرحمٰن عبد اللّٰه بن احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حديث پاڪ جو علم حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪجھ ماڻهو حضرت ابو عاصم ضَحّاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وٽ حاضر ٿيا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهن کي ڏسي فرمايو: توهان فقہ چو نٿا سکو، ڇا توهان ۾ ڪوئي فقيہ (يعني عالم) ناهي؟ انهن عرض ڪيو: اسان جي وچ ۾ هڪ شخص اهڙو آهي. حضرت ابو عاصم ضَحّاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: ڪير آهي؟ اسان چيو تہ هُو اچي رهيا آهن. پوءِ جڏهن منهنجا والد محترم امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تشريف وٺي آيا تہ انهن ماڻهن عرض ڪيو: هُو اچي ويا آهن. حضرت ابو عاصم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهن کي ڏسي عرض ڪيو: تہ اڳيان اچو. پاڻ فرمايائون: مان پسند نٿو ڪريان تہ ماڻهن جا ڪنڌ اورانگهيان. حضرت ابو عاصم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: هي ڳالھ انهن جي فقہ مان هڪ آهي انهن لاءِ جڳھ ڪشادي ڪريو. جڏهن ماڻهن جڳھ ڪشادي ڪئي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اڳيان تشريف ڪٺي آيا. حضرت ابو عاصم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پاڻ کي سامهون ويهاري هڪ مسئلو پڇيو تہ پاڻ ان جو جواب

ڏنو. پوءِ ٻيو مسئلو پڇيو تہ پاڻ ان جو بہ جواب ڏنائون. پوءِ ٽيون مسئلو پڇيو تہ پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه ان جو بہ جواب ڏنو. پوءِ وڏيڪ مسئلا پڇيا تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه سيني جا جواب بہ ارشاد فرمايا. اهو ڏسي حضرت ابو عاصم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمايو: هي تہ علم جو سمنڊ آهي. (مناقب امام احمد لابن جوزي ، ص 96)

## امام احمد بن حنبل رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جو شان ۽ شوڪت

حضرت امام ابو دائود سَجِستاني رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون علمِ دين جي 200 بزرگن سان ملاقات ڪئي پر انهن ۾ حضرت امام احمد بن حنبل رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جهڙو ڪو بہ نہ ڏٺو. (حلية الاولياء،175/9، نمبر: 13567)

عظيم محدث حضرت امام ابو زُرعہ رازي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون علم جي مختلف هُنرن ۾ امام احمد بن حنبل رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جهڙو ڪوئي بہ نہ ڏٺو ۽ جهڙي طرح آزمائش جي وقت ۾ پاڻ ثابت قدم رهيا، ٻيو ڪو نہ رهيو. مون سندن ڪي فرمائيندي ٻڌو تہ مون (پنهنجي استاد) حضرت هُشيم رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه کان جيڪو ڪجھ ٻڌو ان کي انهن جي زندگيءَ ۾ ئي ياد ڪري ڇڏيو. (مناقب امام احمد لابن جوزي، ص 163-84) پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه کي ڏھ لک حديثون زباني ياد هيون.
(طبقات الشافعية للسبڪي، احمد بن محمد بن حنبل، 31/2، نمبر 7)

## حديث پاڪ کي ڏسي بيان ڪندا هئا

حديث پاڪ جا تمام وڏا امام حضرت علي بن مديني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: اسان جي ساٿين مان امام احمد بن حنبل رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه کان

وڏيڪ ڪوئي حديث شريف جو حافظ ناهي. هُو حديث پاڪ پنهنجي ڪتاب مان ڏسي بيان فرمائيندا آهن ۽ ان ۾ اسان جي لاءِ بهترين سبق آهي. (مناقب امام احمد لابن جوزي، ص 47) (تہ اسان بہ حديث پاڪ ڏسي بيان ڪريون)

حضرت عبدالله بن احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ: مون پنهنجي والدِ محترم کي ڪتاب کان سواءِ حديث بيان ڪندي نہ ڏٺو، سواءِ ڪجهہ حديثن جي جن جو تعداد 100 کان گهٽ هوندو. (مناقب امام احمد لابن جوزي ، ص. 349)

## سخت احتياط جي ضرورت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ڏھ لک مبارڪ حديثون زباني طور ياد هيون ۽ پاڻ پنهنجي وقت جي حديثن جو علم ڄاڻڻ وارن جا امام هئا، ان جي باوجود سندن عاجزي ۽ انڪساري مرحبا صد ڪروڙ مرحبا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حديث پاڪ ڏسي بيان فرمائيندا هئا. ان ۾ اسان جي لاءِ تمام وڏو سبق آهي ڇو تہ حديثِ پاڪ جو معاملو تمام نازڪ آهي، پنهنجي اندازي سان ڪنهن ڳالهہ کي حديث مبارڪ چئي ڇڏڻ، پنهنجي طرفان ڪنهن روايت جو حديث پاڪ هجڻ کان انڪار ڪري ڇڏڻ تمام وڏي بيباڪي ۽ جرئت آهي، اهڙي جرئت ڪڏهن بہ نہ ڪرڻ گهرجي.

# ٻُرو خاتمو ٿيڻ جو خوف آهي

حضرت علامہ جلال الدين سُيوطي شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: انسان کي بنا علم جي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حديث ۾ ڳالهائڻ کان ڊڄڻ گهرجي ۽ هن فن (يعني حديث جي علم) کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ مسلسل ڪوشش ڪرڻ گهرجي، ايستائين جو ان کي هن فن (يعني حديث جي علم) ۾ مهارت ۽ ڪمال حاصل ٿي وڃي. ان کان بغير حديث پاڪ ۾ ڳالهائيندڙ ڪٿي هن حديث پاڪ جي حڪم ۾ نہ داخل ٿي وڃي تہ جيڪو علم جي بغير ڳالهائيندو آهي ان تي الله پاڪ ۽ ملائڪن جي لعنت آهي. ۽ هُو هن دوکي ۾ نہ رهي تہ دنيا ۾ تہ ڪو اهڙو ناهي جيڪو ان کان انڪار ڪرڻ وارو هجي، پر مرڻ کان پوءِ ان کي معلوم ٿي ويندو يا تہ قبر ۾ يا پُل صراط تي، حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اُتي ان جي سامهون هوندا ۽ ان کي چڻ هيئن فرمائيندا تہ تون منهنجي حديث جي باري ۾ بغير علم جي جرئت ڪيئن ڪئي ۽ ڳالهايو يا تہ هيئن فرمائيندا تہ تو ان ڳالهہ کي رد ڪيو جيڪا مون فرمائي هئي يا تو منهنجي طرف اهڙي ڳالهہ منسوب ڪئي جيڪا مون نہ فرمائي هئي، ڇا تو مون تي نازل ٿيل قرآن پاڪ ۾ نہ پڙهيو هو تہ هن ڳالهہ جي پٺيان نہ پئجو جنهن جو توهان کي علم ناهي. بيشڪ سمع بصر (يعني ڪن، اک ۽) دل، انهن مان هر هڪ کان سوال ڪيو ويندو. لهذا انهيءَ ڏينهن وڏي

خرابي ۽ وڏي رسوائي آهي. اهو به ان صورت ۾ جڏهن ته ايمان تي خاتمو ٿئي، نه ته تباهي آهي. کيترائي گناهه اهڙا آهن جن تي بري خاتمي جي وعيد آهي. اڪثر ماڻهن جو ايمان موت جي وقت ضايع ٿيڻ جو سبب ظلم آهي ۽ رسول اللهﷺ جي حديث ۾ بغير علم جي گفتگو ڪرڻ جي جرئت ڪان وڏيڪ ٻيو ڪهڙو ظلم تي سگهي ٿو اسان الله پاڪ ڪان معافي ۽ عافيت گهرون ٿا. (الحاوي للفتاويٰ، 2/ 137-138)

ڈر لگتا ہے ایماں کہیں ہو جائے نہ برباد ۔۔۔ سرکار بُرے خاتمے سے مجھ کو بچانا
جب روح مرے تن سے نکلنے کی گھڑی ہو ۔۔۔ شیطانِ لعیں سے مرا ایمان بچانا
(حدائقِ بخشش، ص182)

(هي رسالو ربيع الاول شريف جي مهيني ۾ امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عرس جي مناسبت سان لکيو ويو آهي. سندن جي مبارڪ سيرت جا وڏيڪ واقعا اوهان ايندڙ قسطن ۾ ملاحظ فرمائيندا.)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❋ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❋ روزانو "فڪر مدينہ" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ "مدني انعامات" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل







عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net